
شبير حسين شبير
خاموش
لفظن
جو
رقص

نثري نظم
شاعراڻو نثر

# خاموش لفظن جو رقص

Rythem of Silence Words

(Poetry)

## شبير حسين ”شبير“

ڪنول پبليڪيشن قنبر
2009ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا



| | |
|---|---|
| Book No: (58) | ڪتاب نمبر: (58) |
| Rythem of Silence Words | خاموش لفظن جو رقص |
| (Poetry) | (شاعري) |
| Shabir Hussain "Shabir" | شبير حسين "شبير" |
| First Edition 2019 | ڇاپو پهريون: فيبروري 2009 ع |
| With all Rights Reserved | ڪمپوز ٽائٽل :<br>ڪنول گروپس قنبر |
| Kanwal | ڪنول |
| Publication Kamber | پبليڪيشن قنبر |

ملهه : 80 روپيه

# ارپنا

## امان جي اُن ٻڪ_نانءُ

جنهن ۾ مون لاءِ
دعائن جا نظم
سرجندا رهيا..



# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”خاموش لفظن جو رقص“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب محترم **شبير حسين شبير** جي نثري نظمن ۽ شاعراڻي نثر تي مشتمل آهي.

شبير حسين ”شبير“ سنڌ جي انهيءَ ڳيرو ليکاري ٿهيءَ مان آهي، جيڪي نثر ۽ نظم سان پرپور نيائڻ جو ڏانءُ رکن ٿا. شبير حسين شبير جي نثري نظم ۽ شاعراڻي نثر جو گڏيل مجموعو، جتي پهرين دلچسپ سنڌي ڪتاب تجربو آهي، اتي انهن ٻنهي صنفن جي الڳ الڳ فني بيهڪن کي سمجهڻ ۾ پڻ خاص مدد ڪندڙ آهي.

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن، قنبر** پاران 2009ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون محترم شببير احمد ”شبير“ صاحب آهي جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. مهربانيون سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي لائبريرين محترم گل حسن لاکو جون جنهن ڪتاب جي ڪجهه حصن کي ڪمپوز ڪيو.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# اداري پارا :

شبير حسين ”شبير“ سنڌ جي انهيءَ ڳيرو ليکاري ٿهيءَ مان آهي، جيڪي نثر ۽ نظم سان پرپور نيائڻ جو ڏانءُ رکن ٿا. سندس ڪجهه ڪهاڻيون، قنبر جي چونڊ ڪهاڻيڪارن جي پهرين ڪڙيءَ ”ڪيرڙ تان اڏار“ ۾ شامل هيون. هينئر سندس ڪوتاهي ڪاڪ جو منظر، خاموش لفظن جو رقص سنڌي ادب جي پريل آڳنڌ تي، اهڙي رتول گل مثل ٿڙي پيو، جيڪو هر ٻئي نگاهه جي توجهه ۾ هوندو آهي.

شاعراڻو نثر نئين ٿهيءَ جي پسنديده صنف آهي. ويجهڙ ۾ ان صنف جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيڻ، پڻ سندس مقبوليت ۾ اضافي جو سبب ٿيا آهن، پر شبير حسين شبير جي نثري نظم ۽ شاعراڻي نثر جو گڏيل مجموعو، جتي پهرين دلچسپ سنڌي ڪتاب تجربو آهي ، اتي انهن ٻنهي صنفن جي الڳ الڳ فني بيهڪن کي سمجهڻ ۾ پڻ خاص مدد ڪندڙ آهي.

آزاد/نثري شاعري اهو ليڪڪ ئي بهتر لکي سگهي ٿو جيڪو روح جي گفتگو تان ڌيان نٿو هٽائي، جيڪو تنهائي جي هر سرگوشيءَ کي سمجهي ٿو، جيڪو وجد ۾ بيهوش نٿو ٿئي. شبير حسين شبير به پنهنجي رچنائن جو روح ضربڻ بناءِ سندن آمد کي آورد ۾ تبديل ڪرڻ بناءِ بيحد سچائي سان، ڏاتار جي امانت سمجهي، اسان اڳيان پڌري ڪري، پيغمبري حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شبير حسين شبير جي پسنديده موضوعن ۾ نهنائي/نوڙ (تصوف) شگفته بزرگيءَ ڪانپوءِ (ماءُ_ حقيقي ماءُ ۽ ڌرتي ماءُ) ۽ سماجي ابتڙ حالتون، نمايان موضوع آهن. هن جي روح جي منڊ ڪان ئي پالنا تصوف جي چادريءَ ۾ ويڙهيل پنهنجي ويڙهي ۾ ٿئي آهي. هو جيتري سادگي پري ٻوليءَ سان خيال جي سموري اونچ نيچ پڙهندڙ پارڪو اڳيان پڌري ڪري ٿو، اهو ڏانءُ گهٽ سنڌي آزاد شاعريءَ جي ڪلاڪارن وٽ آهي. هو ميچوئرڊ ڪهاڻيڪار ۽ شاعراڻي نثر جو شهزادو شاعر آهي.

**سعيد سومرو**

**ڪنول پبليڪيشن قنبر**

poetsaeed@yahoo.com

# ليکڪ پاران :
# مان جوئي آهيان سو آهيان

اهي لفظ ئي تہ آهن جن جي صورت ڇتي، اسان پنهنجي اندر جو آئينو دنيا آڏو پيش ڪري سگهون ٿا. مختلف لفظ گڏجي سڏجي جملن جو ڳوٺ جوڙين ٿا. تڏهن اسان پنهنجي اندر جي شهر جي خالي جاين ۽ رستن جي صورت ڇتي سگهون ٿا. اهي جايون ۽ رستا لفظن جون مختلف صورتون آهن. اسان ڳالهائيندا هجون، لکندا هجون يا ٻڌندا هجون، لفظ اسان سان روز ملاقات ڪن ٿا. اسان لفظن سان پنهنجو تعارف ڪرايون ٿا. پڙهون، لکون، سکون ۽ سيکاريون ٿا. اسان جو اظهار ئي لفظن جو رقص آهي.

ايئن ئي خاموش لفظن جي رقص جا پير پنڌ ڪن ٿا تہ ڪين ڪي اکيون ڪتابن جي پڙ تي رقص ڪندي ڏسي وٺن ٿيون.

ڪائنات جي وايو منڊل اندر، مختلف موسمن جي مختلف گهڙين ۾ جڏهن لفظ دل جي ڌرتي تي اچي رقص ڪن ٿا، تڏهن سچل جي بدن تي ڦٽل وارن وانگي نہ اسان جا وار ايا ٿا ٿين، نہ اسان وجد ۾ اچي ”ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، مان جوئي آهيان سو آهيان“ جو نعرو لڳايون ٿا، پر اسان جي اڱرين ۾ جهليل قلم، ڪاڳرن جو بدن ضرور چمي وني ٿو ۽ دل جي ڌرتي تي صدائون ڏيندڙ مختلف لفظن کي، ورقن جي وجود تي ڪنوارن هٿن جي پهرين برٿ وانگي ٽانڪي ڇڏيون ٿا.

اسان لفظن کي ڪتابن جو گهر بخشي ڇڏيون ٿا.

منهنجي لفظن لاءِ ڪتابن جو گهر اڏڻ لاءِ وڏي ۾ وڏا وڙ، دل جي دوست سعيد سومري جا جنهن جي محنت منهنجي لفظن کي ڪتاب جي جهان اندر ٽانيڪو ڪيو نہ تہ شايد رولاڪ رهن ها. وڏا وڙ راشد بروهيءَ، بشير آچي، رياضت برڙي، ايس سرمد، ثقلين لاشاري ۽ نورالحق نور جا.

مهربانيون پائو در محمد برڙي، مسيح مگسي، قمرالدين قمر، عباس ڪوريجي، ايم حنيف عباسي ۽ سيف الحق سيف جون بہ مهربانيون، لاڙڪاڻي جي هوائن جي وجود کي خوشبوءِ ڏيندڙ عزيز قاسماڻي جون بہ..

۽ مهربانيون سادي ۽ ڪليل طبيعت واري نياز حسين ڪوسي جون جنهن سان عرب عمارات ۾ زندگيءَ جا گهڻا لمحا دوستن وانگي گڏ گذريا آهن.

منهنجا خاموش لفظ اوهان جي آڏو آهن، ڪين اچاريو، اهي اوهان جي دل جي ڌرتي تي ضرور رقص ڪندا. توهان جي راين جا پڪي، منهنجي اوسيئڙي جي وڻ تي اچي ويٺا ته مهرباني ٿيندي.

**شبير حسين ”شبير“**

00971-50-2251498

Lakho2008@gmail.com

# ڪمپوزر پاران :

هي ڪتاب پرڏيهه (دبئي) ۾ رهندڙ پياري دوست شبير حسين ”شبير“ لاڪو جو آهي. جيڪو نثري نظم ۽ شاعراڻي نثر تي مشتمل آهي. آئون ڪو اديب نه ناهيان جو هن ڪتاب تي ڪجھ لکان. پر ادا شبير جي لکڻين کي پسند ضرور ڪندو آهيان. ادا شبير نثر تمام سنو لکندو آهي. اسان جي فيس بڪ ذريعي دوستي ٿي جتي هو پنهنجي اسٽيٽس ۾ پنهنجون نثري تحريرون پوسٽ ڪندو رهندو آهي. ڳالهين ڳالهين ۾ سندس ڪتاب ”خاموش لفظن جو رقص“ جو ذڪر ٿيو. مون اهو ڪتاب ادا شبير کان گهريو پر ادا چيو ته هي ڪتاب 2009ع ۾ مون شايع ڪرايو هو. هن وقت مون وٽ ڪا به ڪاپي ناهي. گهڻي اسرار ڪانپوءِ مون کي چيائين ته ان ڪتاب جي متان ڪا ڪاپي ادا سعيد سومرو وٽ هجي جيڪو ادا شبير جو گهاٽو دوست به آهي ۽ ڪنول پبليڪيشن قنبر جو مالڪ به آهي. پوءِ هن ڪتاب جي هڪ ڪاپي مونکي ملي. منهنجي خواهش هئي ته هن ڪتاب کي آنلائن رکجي. ان لاءِ ادا شبير کي عرض رکيم، پاڻ اجازت ڏنائين پر ڪمپوزنگ مسئلو هو. ادا شبير وٽ شاعري وارو حصو هو ڪمپوز ٿيل باقي نثر وارو مون کي ڪرڻو پيو. منهنجي ٿورڙي محنت جي ڪري هي ڪتاب آنلائن توهان دوستن تائين پهتو آهي. اميد ته هيءَ ننڍڙي ڪاوش قبول پوندي.

**گل حسن لاڪو**
لائبريري اسسٽنٽ
مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو
03332870626

# شاعراڻو نظم

# سرحدن جا فاصلا

جانان!
خيال رکجان!
فاصلا
جسمن جا ئي
هٽ ڪپن،
سرحدن جي فاصلن
کي
دلين جو فاصلو
نہ ڪري ڇڏجانءِ!

# گھور

بهار جا ڪجھ پل
اڏارا ڪپن
خوشبوئون
رابيلي شام جا ڪجھ لمحا
۽
اُجري صبح جا ڪجھ سپنا
گلن جون پتيون
۽
پوپٽن جا رنگ
مور جا کنڀ
ڪڪرن جي ڇانوَ
ڪوئل جا نغما
ڀٽائيءَ جا بيت
سنڌوءَ جھڙيون ڇوليون
يارب!
هو اڄڻ وارو آ
۽
اهي سڀ
هن مٿان گھور ڪرڻ لاءِ ڪپن!!!

## زندگيءَ جو در

زندگيءَ
جي در کي،
جن زرقونن سان
سجائڻ چاهيم ...
نہ ڄاڻ ڇو اُهي
ايترو پري
ٿيندا ويا....!!

## خوشبوءَ جهڙا نظم

هُو
ڪيڏو ڪنوار آ
پن ڇڻ رت ۾
ڇئي ويو
گلن جهڙا
گيت
۽
خوشبوءَ جهڙا
نظم لک!!

# ياد جو سرمو

اڪيون ،
جن ۾
ننڊ سڄندي پئي وڃي
دل،
جنهن ۾
سِڪ پرجندي پئي وڃي،
توکي ساري پئي،
ياد جو سرمو پائي
راهه نهاري پئي
راهه اُها
جا دور آ
گهڻو دور آ...

# روح جون پانـهون

روح جون پانهون
خالي ياڪر ٿهلايون
توڪي پرڻ لاءِ
آتيون آهن
تون جا دور آهين
پوءِ بہ اور آهين
يادن جي ديس مان
نڪتي ناهين ...
اجا آهين
زندگيءَ جي
گلدان ۾
ڪنهن
گل جي
خوشبوءِ وانگي.

# واڪا...

گلن مٿان
ڪندا ڪوڙ ڪريا
نازڪ ساوا پن
ڏاندين منجهان ڇٽيا
گلن جو ديس
بارودي بوءِ سان
پرجي ويو،
مون واڪا وڏا ڪيا
ڪنهن ڇڻ
ڪجهه ڪين ٻڌو
پر مان لنگهندڙ
ريدار رڙيو:
'ردن اڳيان
رباب وڄائيندي
آ ڪنهن جو
ڪجهه وريو !!؟؟؟'

## آخري قسط...

منهنجي زندگيءَ جي
آخري قسط
شل!
تنهنجي اکين
سامهون ٿئي
تنهنجي ٻانهن وچ ۾
منهنجو آخري ساهه،
تنهنجي اکين سان
مون اکين جي ڳالهه ٿئي
بس! ايئن ئي
زندگيءَ جي
آخري ملاقات ٿئي.

## صبح جهڙيون ادائون

صبح جي پهر
جهڙيون تنهنجون
معصوم ادائون،
مون ٿاڪ منجهند جهڙي
ماڻهوءَ سان
ڪيئن
لاڳاپجي ويون!

## ڪهڙيون لڪٽيون!؟

ڪويتائون هن
ڪهڙيون لڪٽيون!؟
بس ڳالهيون تنهنجون !
بس يادون تنهنجون!

## هڪ سوال...!؟

اسين
ڏات ڏنل
پنهنجي تخليقن سان
ڪيڏو چاهه رکون ٿا!
ذهن ۾
هڪ سوال
اُٿيو،
ڏات ڏيندڙ
پنهنجي تخليقن سان
ڪيڏو پيار ڪندو هوندو!!؟؟

## ڪيسيتائين...!

سيارو
آيو آ سچڻ!
وڇوڙي جي تتل
ماري تي
تنهنجي يادن کي
وري جيئاري ٿي
هاڻ موٽ
يادن جي
ٿانئن تي
ڪيسيتائين
پاڻ سيڪيندس!؟

## نصيبن جا رسا

زندگيءَ جي
چانوَ هيٺان
پيار جي پينگهه ٻڌي
لُڏڻ چاهيم
تہ
تنهنجي ملڻ جي
نصيبن جا رسا
ڇجي پيا!

## عظيم پير

تنهنجي
عظيم پيرن
جي نشانن تي
نظر جهڪائي
هلڻ جي تمنا آ
اسان جون خوشيون
وڏن رستن
۽
وڏن منزلن
۾ ناهن...!
تنهنجي
پيرن ۾ آهن!

## شل! تون اچين ...

او من!
جيون جي باغ ۾
ڪيئي گل ٽڙيا آهن،
پر
خوشبوءَ کان وانجهيل!
ان لاءِ جو
تنهنجي مرڪ
مون کان پري آ
شل! تون اچين
جيون ۾ ڪڙيل گلن کي
ڪا خوشبوءِ ملي
شل! تون اچين
اجڙندڙ جيون
بهار بڻجي پوي.

# امر ناچ

تنهنجي خوشبو
دل جي ڌڙڪنن ۾
ڪِن چاهتن کي جنم ڏئي ٿي،
بهار جي دامن تي
پرت پري ٿي
۽ رچي ٿي
ڪي احساساتي گيت ؛
۽
تنهنجي وارن جي خوشبوءِ جا
خاموش نظم،
منهنجي لفظن جو
پائن ٿاچولو
پوءِ سنڌ ڌرتيءَ تي
ناچ نچن ٿا
تنهنجي
امر نالي جو.

# زندگي، لطيفي بيت

تون آهين تہ
هوءَ اداس شام سرءُ جي
پن چڻ سان ئي جنهن جي
گفتگو هوندي آ
خوشبوءَ پريو سواد ڏئي ٿي،
تون ناهين تہ
بهار جي ڪهاڻي بہ
سرءُ جو روپ آ
تون آهين تہ
اکين ۾ روشني آ
تون آهين تہ
چڻ
زندگي
تنهنجي اکين جي ڪهاڻي آ
تون ناهين تہ
محفل بہ اڪيلائيءَ جو شهر آ
تون ناهين تہ
اکين ۾ ڪجل
سينگار سان يو ڳ آ
تون آهين تہ
آزندگي ثواب
تون ناهين تہ
آ زندگي گناهہ
تون آهين تہ
آ زندگي ڏتو پاڻي
تون ناهين تہ
آ اڄ ڪهاڻي
تون آهين تہ

زندگيءَ ۾ موهه آ
تون ناهين تہ
زندگي ڪني پاٽيءَ جو ڪوهه آ
تون آهين تہ
زندگي لطيفي ڪو بيت آ
تون ناهين تہ
زندگي موت آ
تون آهين تہ سڀ ڪجهه
تون ناهين تہ ڪجهه بہ نہ ...!
هي سڀ ڇاهي!؟
هي سڀ ڇو آ!؟
مون ۾ مان بہ آهيان
يا
رڳو تون آن!!؟؟

# دعا جا لفظ

شام جي سندر لمحن جيان
تنهنجو پيارو چهرو
مون کان ڪو نہ وسريو
۽
پرھ ڦٽيءَ جهڙن
پيارن چپن مان
مون لاءِ نڪرندڙ
دعا جا لفظ،
جي ٻڌي
مون محسوس ڪيو هو
هي سارو جهان
منهنجو آ .

## ڇُهڻ کان اڳي جون ڳالهڙيون

هن جي
اکين جي آڳنڌ تي
خوابن جا ڪي رانديڪا
من جي
معصوم پار تڪيا ها
جن کي
جهولي ۾ وجهي
کيڏڻ جي آس هئي
۽
آڄ به هئي
کيڏائڻ جي.
سي
خوابن جا رانديڪا
ڇهڻ کان اڳ ئي
اسان جي گڏ رهڻ جا جهان
ڏار تي ويا.

## تنهنجو سينگار

هر شام
تون!
سينگار ڪرين تي
۽ مان
نظم لکان تو!
تنهجو سينگار
۽
منهنجا نظم
هڪيئي جي
ڪيڏو نه ويجهو آهن!!

# تنهنجي تخليق

مون لئہ
اها ئي
خوشيءَ جي ڳالهہ آ
جو آنءُ
تنهنجي تخليق جو
حصو هان
۽
تنهجي وجود سان
سجاتو وڃان تو.

# چُمي

اي شاعر!
مان ان چميءَ کي
ڪهڙو نانءُ ڏيان؟
جا
سورهن مهينن جي پار کان
منهنجي
ڳل کي
نصيب ٿي!

## خوابن جون کونديون

مان
خوابن جي کوندين
۾ پوکيل
اميد جي گلن کي
روز پاڻي ڏيان ٿي
انهيءَ آس تي جيئان ٿي ته
تون منهنجو ٿيندين.

## ساپيان جا چنڊ

سوچيان ٿي،
خوابن جي موسم ۾
تعبيرن جا گل
ٽڙندا
هو جي سپنا آهن
چڻ ڪي تارا آهن
تعبيرن جي آڪاس
تي ڪڙندا
خوابن جو چڪور
ساپيان جو چنڊ ماڻيندو
انهن ئي
سوچن جي وستيءَ ۾
گم ....
ته تونا ٿت بنجي آئين
نوريءَ لاءِ
چام بنجي آئين
تڏهن انڌڪار واريون
اُهي سڀ سوچون
جهرڪين جيان
اُڏامي ويون.

# منصوري پڙاڏو

منهجا ڪن
منصوري پڙاڏو
ٻڌي چڪا آهن
پر اڪين اجا
اهي ادائون
نہ پسيون آهن
مستيءَ ۾
سرمستي ۾
ناهيان نچيو
۽
من مسجد جي محراب ۾
اجا تون
لٿو ناهين
تڏهن چپ
" اناالحق" نعري
کان قاصر آهن.

# زنگ جو شهر

مان
توبن
چڻ
ڪو لوهه پراڻو
جنهن مٿان
مٽيءَ دز
چڙهڻ لاءِ
اچي ٿي
۽ زنگُ
پنهنجو شهر
اڏڻ جو سوچي ٿو
تون اچ ۽ مرڪي پئہ
انهيءَ ڪان پهرين
جو آنءُ رئيءَ ۾
لٽجي وڃان
۽ ڪو
زنگ جو شهر بڻجي وڃان.

## سُرخابي اُڏام

جيون جي ڪمري مان
پتين جا رنگ
ڇڻندا پيا وڃن
۽ انهن تي
چنبڙيل تصويرون
رئيءَ سان
لٽبيون پيون وڃن
جن تي
سُرخابي اُڏام جا رنگ
چِٽيل آهن
۽ طوطن جي ڳائين
سان گڏ
اندلٺي رنگ
ٻه سمويل آهن.

## گهُرڻ ريءَ

گهرڻ کان اڳ ئي
تو اهو
سڀ ڪجهه ڏنو
جو آنءُ
پُورو سينگارجي ويو آهيان.

## مان اڪيلو

مان اڪيلو آهيان
پوءِ به
هٿيار ڪنيو آ
انهي سوچ جي بغير
کٽڻ ...
هارائڻ ...
منهنجو مقدر بڻبو
اها
بيوقوفي نہ
پر
ويڙهہ جو
پهرين ۽ آخري ڏاڪو آهي.

## روشن گهٽيون

واٽ تي
ديپ ٻه ڪوڙ هئا
روشن گهٽيون
هيون
شهر جون
پر
ساٿ نه هو تنهنجو
مون لئه ڪو
روشنيءَ جو ڪرڻو
نه هو!

## وسريل خدا...

اي پپل!
مون ڪي
تنهنجي ڇانوَ ڏاڍي وڻي ٿي
۽ ٿڌي هير
مون ڪي
منهنجو وسريل خدا
ياد ڏياري ٿي.

## واريءَ ذرو

تنهنجي
نظر کان سواءِ
آنءُ
ائين آهيان
ڄڻ
صحرا جي واريءَ جو ذرو !

## ٽڏي ڇانوَ

تپندڙ صحرا ۾
تنهنجي زندگيءَ جي وڻ
مون کي
هڪ پل بہ
پنهنجي ٽڏيءَ ڇانوَ کان پري نہ
رکيو!

## اي سهڻيءَ شام جهڙا!

اي ! سڪ جي ڏاکڻي ۾
پويلتسبيح جي داڻن ڪي،
سوريندڙ!
تنھنجا پاڪ ھٿ
ڏاڍا سھڻا آھن،
اي پاڪيزگيءَ جي سونھن سان ڀريل!
اي چانديءَ وارن وارا!
اي سھڻيءَ شام جھڙا ڪراڙا!
پنھنجي پرھ جھڙن
پاڪ ھٿن سان
پنھنجي خدا کان
مون لاءِ ٻه
دعا گھرجان!

## اسان کي آزاد ڪر !

ھار ۾ پويل موتين
مون تي زور ڀريو
"اسان کي آزاد ڪر!"
مون انھن کان پڇيو
ڇا توھان
پنھنجي آزاديءَ کي
وکرڻ کان بچائي سگھندؤ!

## خواب

مون وري
خواب ڏسڻ شروع ڪيا آهن
هاڻ منهنجي
خوابن کي
تعبيرون به ضرور ملنديون.
هن ڀيري
مون ٻچن کي ڇڏي
ان پاڪ هستيءَ سان
رجوع ڪيو آ
جيڪو
ٻچن کي به پالي ٿو!

## اسان ٻئي

نار جي لوڙهين مان ڪرندڙ
پاڻي تي
سج جي پوندڙ
ڪرڻن ڇيو،
’اسان ٻئي ملي
جڳمڳائي رهيا آهيون.‘

# اندي سوچ

هوءِ روئيندي رهي
ڪتابن ڪاڻ
جڏهن ڪنهن چيو
هن ڪان ڪتاب نہ ڪسيو
علم جا اهي اهڃاڻ نہ ڪسيو
هن کي آ ضرورت انهن جي
علم جي سينگار سان
پاڻ سينگارڻ جي
تڏهن
اندي سوچ
لفظن جي روپ ۾ گونجي
هيءَ
پڙهندي تہ
پڇي ويندي
اندي سوچ جا
دروازا کوليا ويا
هن ڪان ڪتاب ڪسيا ويا.

# نعرو نئون

ايڏو ضد ڪريو چو ٿا
توهان ڪي پنج پنج
پوءِ ٻہ نہ
پوري توهان جي
مون ڪي سنڌو هڪڙو
پوءِ ٻہ نہ ٽي ڪٽي هورا خوري
توهان جي
ڇا مونکي مون کان کسڻ ٿا چاهيو
زور ڏاڍائيءَ سان مهراڻ ڦڙا ٿا چاهيو
ٻلي راند زور جي رچايو
چاهيو ڇا ٿا چاهيو
مان تہ وري بس هڪڙو
هوشو ٿو چاهيان
جو نئين دؤر ۾ ورجائي نعرو نئون
وڙهسون وڙهسون سنڌو نہ
ڏيسون!

## آزادي

مون جڏهن
آزاديءَ جو سوال
هن ڏاهي کان پڇيو
تہ مرڪيو
ٺهڪن مٿان ٺهڪ
ڏيندي چيائين
پڃري ۾ بند ٽيل
پکيءَ کان پڇ.
مون سوچيو
ڊنديءَ تي ويٺل آزاد پکيءَ کان
ڇو نہ پڇان!؟
اڳتي وڌيس
۽ کانئس پڇيم
تہ ٽوڪيندي چيائين
’اي بيوقوف !
سمجهين ڇو نہ تون
”جنهن قيد ناهي ڪاٽيو
سو آزاديءَ مان ڇا ڄاڻي!“

## نہ ڪپي...!

مون کي گوليون نہ ڪپن

بارودي دونهان
۽ بي سرا آواز
ڊيڄارڻ ۽ دهشت ڦهلائڻ
نہ ڪپي
پکين جي ڇهچهہ
ماڪ جي بوندن
۽ ساوڪ واري ديس ۾
جي ڏئي سگهو ٿا
تہ
مون کي آزادي ڏيو.

## سزا

منهنجين اکين کي
سزا ملي آ
توکي ڏسڻ جي آس ۾
انهن
ڪنهن ٻئي کي
ڏسڻ کان
انڪار ڪيو آ .

## ڪورو جيون

جڏهن

مون پنهنجي دل جو حال
پنن تي اُتاريو
تہ
اُهي مرڪي
چوڻ لڳا
اسان پنهنجو ڪورو جيون
تنهنجي لفظن کي ارپي
خود کي رنگ ارپيا آهن!

## رنگ

ننڍڙن نظمن کي
پوپٽن جو ويس پارائي
مون
تنهنجي زندگيءَ ڏي
اماڻي ڇڏيا
تنهنجي آسپاس ئي
ڪن گلن مٿان ويٺل هوندا
اتہ ڏس
ڪين پڪڙ
تو کي ڪوڙ رنگ ملي ويندا.

## تسبيح

جيسين
اجرو نہ رکين
من جي موتين کي
تيسين
تسبيح ۾ ڪجھ ناهي
تو ڪين ڄاتو آہ
مذهب
تسبيح جي داڻن
۾ ناهي.

## پرين !

اي پرين!
تنهنجي در کان سوا
جڏهن بہ
ڪنهن در جهڪيم
مون کي
تذليل جي احساس ماري وڌو.

## گيت

مون کي گيت لکڻو آ
ڪينجهر ۽ مهراڻ موتين جهڙو
دودي جي دليري
هوشوءَ جي نعري جهڙو
ٽر تي برڪا ڪان پوءِ
مارن جي مرڪ جهڙو
اي ذات ڏيندڙ سائين!
شل! ذات وڌائين
مون کي گيت لکڻو آ
ڌرتيءَ جي رنگ جهڙو

## دعا

مان
ڪنهن پار جيئان
دنيا جي ميلي ۾
وڃائجي ويو آهيان.
اي خدا!
مون کي ان هنڌ آڻ
جتان
سڀ راهون تو ڏانهن اچن.

## خوابن کي اکيون ڏي!

منهنجي سوچن پرئي متي کي

پنهنجي جهوليءَ ۾ رک
توکي سُڪون ڏيندس،
منهنجي خوابن کي
پنهنجون اکيون ڏي
توکي منزلون ڏيندس،
پنهنجين خوشين جي
مون مٺان ورکا ڪر
تو کي مرڪن جو مهراڻ ڏيندس،
منهنجي غمن کي
پنهنجي وجود تي
پهراڻ وانگي ڍڪي ڇڏ
تو کي فڪر ڏيندس،
اي چاهت جهڙي ڇري!
مون کي پنهنجو نانءُ ڏي،
تو کي پنهنجو جيون ڏيندس.

## ننڍڙا نظم

پنهنجي ڪمزور هٿ سان
مون
جيڪي
ننڍڙا نظم لکيا آهن
تن جي هر سٽ ۾
شعوري يا لاشعوري
مون
توکي ئي ساراهيو آ.

## جمهوريت جو آئڪون

پاڪستان جي
ڊيسڪ ٽاپ تان
جمهوريت جو آئڪون (Icon )
ڊليٽ ٿي ويو
هاڻ جلد ڪيس
پيو خطرناڪ وائرس
وڪوڙي ويندو.

(محترما بينظير ڀٽو کي ڀيٽا)

# جمهوريت جا وارثو!

اکيون جن ۾ خواب آئيندي جا
ڪڏهن نہ پوربيون
هو چيتا ڪتا بگهڙ وحشي
ڦاسيءَ جي رسي ڪي
منهنجي ڳچيءَ جو
يلي هار بڻائن
يا سيني تي
گوليون وسائن
خوابن پريون اکيون
تڏهن بہ نہ پوربيون
اوهان ڪي ارپبيون
اوهان جون امانتون
منهنجي خوابن جا وارثو !
جمهوريت جا وارثو!
ملڪ جون واڳون
اوهان لاءِ آهن
ظلم خلاف آواز
اندير ۽ ناحق خلاف ويڙهہ
اوهان جو ڏاج آهي.

# رت بدلي رت ڏنئي!

شهيدن جي
تاريخدانن کان پڇجانءِ !
مون توکي پليڪار چيو هو
من جي مهڪ
ڌرتيءَ جي خوشبوءِ سان
گڏجي اُتي هئي
منهنجي پيرن
تنهنجي قافلي ڏي پنڌ ڪيو هو
مون توکي ويلڪم ڪيو هو
هُنن سَمجهو تي
اَئن ورهين جي وچوڙي ۾
قيامت کان اڳ
نفسانفسي واري دؤر ۾
اسان توکي پُلايو هوندو
۽
تو اسان کي وساريو هوندو
تنهنجي ڳوڙهن جي گواهي
تہ تون اسان جي آن
۽ اسان جي
ويلڪم جي نعرن
جي گواهي تہ
اسان تنهنجا آهيون،
کين ڏڪائي ڇڏيو
وائڙن کي پتو پئجي ويو
روشن هاڻ
اصل جمهوري سچ ٿيندو
۽ سندن ڪارو منهن ٿيندو
تڏهن ڪوڙن ڪانوَن جي

ٽولي مان ”ڪاري ڪانوَ“
رڙ ڪئي
”تون نحوست آن“
ڪوڙن کي ڪهڙي خبر
تنهنجو ۽ منهنجو تہ
رت جو ناتو آ
مون تو لاءِ رت وهايو
۽ تو رت ڏئي
منهنجو مانُ وڌايو آ
تنهنجو منهنجو هي ناتو
ڪو نرالو آ
رت بدلي رت ڏنئي
جڏهن ڪاري ڪانوَ کي
گهروڙي بجو ڏنئي؛
مون تہ هئي لاهڻ چاهي
تنهنجي ابي ۽ ادي جي اوڌر
ويندي ويندي
وري هي ڪهڙو
نئون قرض ڏنئي
سنڌ اجا ڪتي
سُڪايون هيون آليون اکيون
جو نئون هي
ڳوڙهن جو درياءُ ڏنئي.

(27 ڊسمبر جي سانحي تي اتاريل
محترما کي پيٽ

## سين ”سنڌ“

اڄڪلهه وڏ
هل وٺي مون کي
آزاد راهن ڏي
مان توسان آهيان
منهنجا هٿ،
منهنجا پير،
منهنجي آڱرين ۾
جهليل قلم،
منهنجو من،
توسان آهي
تون اچ!
پنهنجو جلوو ڏيکار
ڌرتيءَ کي
تنهنجي ضرورت آ
پوليءَ کي تنهنجي
طلب آ
هٿ ۾ جَهلي
مون ڦرهي آ
پهريان اکر
ميٺ سان ميٺيا آهن
هاڻ ساڳي ڦرهيءَ تي
س ”سنڌ“ تون لک
مان توسان آهيان
47 هن ڪان پوءِ
وري جاڳيو آهيان
”موومينٽس فار
ريسٽوريشن آف ڊيموڪريسيءَ MRD“
وارو پار آهيان

تون اُت
مان هاٺي جوان آهيان
ڪڪارڙي جي ڳن ۾
تون جهنڊو ڦڙڪاءِ
آزاديءَ جي اڇي ڪٽي تي
مان ڳاڙهو گلاب آهيان
تون وٺي هل مون کي
مان تنهنجو قافلو آهيان
تون اڇ نڪري
نروار تي
اي انقلابيءَ جي اولاد !
سامهون اچ
مان تولاءِ
بي چين آهيان .

# پرهه جهڙو ويسُ

پرهه جهڙو ويسُ
مون پنهنجي نظمن کي
پارائڻ چاهيو آ،
پر
اهڙو استبرڪ اُٽڻ لاءِ
مون وٽ ڪي به ڌاڳا ڪو نه ها
۽ نه وري
ڌاڳا ڪتڻ لاءِ ڪو چرخو
تڏهن آءٌ
نظمن سوڌو سجدي ۾ ڪريس،
اُن سائينءَ آڏو،
جنهن
پنهنجي مصوري سان
پرهه کي سينگاريو آ.

# هڪ تون ئي تہ ناهين

تمنائن جي وسيع شهر ۾
هڪ تون ئي تہ ناهين!
دل جي درين تي اُڪريل نالن ۾
رڳو تون ئي تہ ناهين،
تنهنجي ذلفن کان سواءِ بہ تہ
زماني ۾ گهٽو ڪجهہ آ
تنهنجي ڳلن کان سواءِ بہ
شفق ۾ لالي گهٽي آ.
اکين جي خواب گاهن ۾
رڳو تون تہ نہ رهين آن،
من ڀنوري لاءِ
رُت رابيلي
هڪ تون ئي تہ نہ بڻي آن.
يادن جي ڇانوَ ۾
صرف تون ئي تہ نہ پلين آن.
پپل جي پينگهہ تي
روح سان رلجي
رڳو تون ئي تہ نہ لڏين آن.
ها زندگيءَ جي واٽ تي
هڪ تون ئي تہ رَلي ناهين.
تمنائن جي وسيع شهر ۾
هڪ تون ئي تہ ناهين .....

# نصيبن جي ڏائري

تنهنجو وڇوڙو،
منهنجي دل جي حال،
۽ جيون کي
ڪڪ لڳندڙ موسم بڻائي ڇڏيو،
تن کي ساڙي ڇڏيو،
نيڻن کي روئاري ڇڏيو
آءٌ پري پڇاڻ ڇڏيو،
دل کي سمجهايان ڇڏيو،
ائين ٿيندو آهي،
وڇوڙو به
نصيبن جي دائري ۾
لکيل هوندو آهي.
پوءِ به هوءَ ٿي مڃي،
مان ڇا ڪيان!؟

## ڪارا رواج

پنهنجا جذبا
سدا رتوڇاڻ رهيا آهن،
ديوارن اندر
ڪارا رواج نچندا ٿا رهن،
روز قندا ڦاهيءَ جا
سجندا ٿا رهن،
تنهنجي زمين جي اُڃ
اُجهائي ناهيون سگهيا،
ڌرتي!
تنهنجي وجود تي
گلاب پوکي ناهيون سگهيا!

## قبوليت جو رسالو

ڪائنات جي ڪينواس تي
مون
تنهنجي مرڪن لاءِ
دعائن جا نظم
لکي ڇڏيا آهن.
يقين اٿم تہ
قبوليت جي رسالي ۾
پهرين پني تي ڇپجندا.

## اسان قلندر

اسان پنهنجو اندر
ورقن تي ٽا
اتاري ڇڏيون
نہ تہ شايد
قلندر ۽ سرمست
ٿي پئون!

## وڪڙن جو شان

منهنجي ڌيءُ!

اھڙو ڪجھ نہ ڪجانءِ
جو ڌرتي ـ ڌوڙ
پاڻ مٿان وجھان
تو ۾ ئي اميدون ھن
تو ۾ ئي ويساھ آ
تون ئي مھراڻ جو مانُ آن
منھنجي مٿي تي
ويڙھيل وڪڙن جو
شان آن
ھا، نہ وسارجانءِ
منھنجي ٽوپيءَ جو رنگ
تنھنجي پوتيءَ ۾ لڪيل آ.

## جيئڻ جون تعبيرون

ٽٽل خوابن کي ڦٽي
ڇو تو ڪرين؟
اُھي بہ تہ تنھنجا آھن
اُٽي،
وري جوڙ
پنھنجي خوابن کي
تون ماڻين سگھين ٿو
جيئڻ جون تعبيرون.

## تون منهنجي آن!

تنهنجي
اها
وري
ڪھڙي ادا آ!
ميرو ڏسي چڙي ڏين
سينگار سان هجان
تہ چوين
تون منهنجي آن!

## هڪڙو پل

اڄ تنهنجي ڪچ ۾
ايئن آيو آهيان
ڇڻ سالن جو
ٿڪيل ڪو مسافر
وڻ جي ٿڌي ڇانوَ
هيٺان ٿڪ ڀڃندو هجي
ها جانان!
مان ڄاڻان تو
تہ تون ڄاڻين ٿي
هي اڻانگي ۽ ڏکھي
سفر جي
منجهند جو
هڪڙو پل آ.

## تشدد

هن جي
هر

اجائي چماٽ
ڪان پوءِ
سوچان ٿي...!
اهو
تشدد ڪڏهن ختم ٿيندو!!؟

## ڪاش

ڪاش تنهنجو وڃڻ
موسمن وانگي هجي ها
ڪنهن ڇهين مهيني
تون واپس اچي ته وڃين ها
پوءِ ڀلي
خزان جي موسم ۾
ئي سهي
تنهنجي ايندي
اها موسم به
بهار ڪان ڀلي ٿي پئي ها.

## وساري ڇڏيو آ

چون ٿا
تو مون کي

وساري ڇڏيو آ
تون پنهنجن
ڪمن ڪارين ۾
ايتري الجهي وئي آن
جو توکي
منهنجو ڪو خيال
ئي نه رهي
منهنجي شين کي
جيئن اڳي
سنڀاليندي هئينءَ
هاڻ ائين نٿي ڪرين
منهنجيڪتابن ۾
ڪمپيوٽر واري ٽيبل کي
صاف ڪرڻ ڇڏي ڏنو آ
منهنجي تصوير واري
فريم کي اگهڻ
توکان وسري ويو آ
۽ تومون کي وساري ڇڏيو آ
مان ڄاڻان ٿو
تو وٽ مان ناهيان رهيو
ان لاءِ
تو پنهنجو پاڻ کي
وساري ڇڏيو آ
۽ هو سمجهن ٿا
تو مون کي
ياد ڪرڻ
وساري ڇڏيو آ

## آواره روشنيون

هن شهر جون
آواره روشنيون
اکين جا در کولي
من ۾ گهرن ٿيون
پر
يقين ڪر جانان!
تو ڪاڻ ئي
دل جي ديس کي
خالي رکيو آ
تنهنجي ڪري ئي
ٻي ڪنهن کي
رهڻ نہ ڏنو آ!

## خالي آسمان

تون جانان!

ايڏو ويجهي آهين
جو
ايئن لڳي ٿو
ڇڻ مون ۾ آهين
۽
پري ﺑﻪ ايڏو پري
جو دور تائين
نگاهن جي آخري حدن ۾ ﺑﻪ
نظر ناهين
ايڏي دوري
ايڏي وڇوٽي!
ڪڏهن پڇيو اٿئي
مان ڪيئن ٿو سهان
زندگي جا ساهن بنا ٿي لڳي
ستارن بنا خالي آسمان ٿي لڳي
سا ڪيئن ٿو سنياليان
مان ڪيئن ٿو گذاريان!؟

## تنهنجي وئي ڪان پوءِ!

تنهنجي وئي ڪان پوءِ
ساڳيا گل
نہ رهيا آهن
بهارن ۾
جيمنهنجو جيون
مهڪائيندا هئا.

## ياد

جڏهن ٻه
تنهنجي ياد
آئي
۽ ڳوڙهن وهڻ چاهيو
تڏهن
ياد کي پين
۽
ڳوڙهن کي مس
بڻائي
لفظن کي آ
مون
پنن تي لکيو.

## مهانتا

سوين بيوفائن

ڪرڻ کان پوءِ
مان
وري تنهنجي در تي آيس،
تو اف به نہ چئي
پنهنجي مهانتا جو
ثبوت
ڏنو.

## توبنا..!

تون چا وئين
چڻ وڃائجي ويو آهيان
توکان بنا آنءُ اڌورو به نہ آهيان.

## تون ۽ مان جدا

هن جي نيڻن جي گفتگو
۽ جيون جي  جستجو
اڃا اڌوري آ
تو سوا جا پڙهي
هوءَ عشق نماز
اڃا اڌوري آ
پاڻيءَ بنا
مهراڻ ڪهاڻي
اڃا اڌوري آ
تون ذلف تي سنوارين
هيءَ شام ڪهاڻي
اڃا اڌوري آ
تون نہ سلي پوري
روح ڪهاڻي
اڃا اڌوري آ
جلد تو موڪلائين
تو مڪ جي مِٽي
اڃا اڌوري آ
تون ۽ مان جدا
قسمت ڪهاڻي
اڃا اڌوري آ
تون چوين تي چپ کوليون
آزاديءَ جي ڪهاڻي
اڃا اڌوري آ
نعرا هڻ ذور سان پلي
پر جوڏاہ
رت ڦڙن بنا
سنڌ سنگت اڃا اڌوري آ.

## پيٽ ڏئي نہ ٿو سگھان !

ها مٺي!
هنن شاعرن وانگر
سهٽيون سٽون جوڙڻ نہ ٿيون اچن
مان مهراڻ جي موتين کي
تنهنجي سونهن سان ڪيئن پيٽيان
مون کي تنهنجي رخسارن سان
شفق جي لالي بہ پيٽڻ نہ ٿي اچي
۽ نہ ئي
تنهنجن ڪارن وارن جي چانوَ
ڏکھن گھاٽن وڻن جي چانوَ سان
پيٽڻ اچي ٿي.
هو مهراڻ موتي
نہ تون زندگيءَ جي  پياس متائين ٿي
هوءَ شفق تہ رڳو سانجھيءَ جو کيل آ
تنهنجي رخسارن لالي
تہ هر وقت منهنجي سامهون آ
۽ زندگي ۽ جي ٿڪن ۾
گھاٽن وڻن جي چانوَ چا ڪبي !؟
تنهنجي وارن جي چانوَ ۾
ئي تہ ٿڪ پڇندا ها
مٺي!
تنهنجي ادائن کي
پيٽ ڏئي نہ ٿو سگھان
شاعرن وانگي
کي سٽون جوڙي نہ ٿو سگھان!

# شاعرانٽر

❖ خواب جيسين تعبيرن جي پوپٽن کي پڪڙڻ تيسين ڪنهن آرام جو سوچڻ جدوجهد ڪندڙن جي دين ۾ ڪفر جي جاءِ ولاري ٿو.

❖ رڳو وڏا نہ ٿيو پر عظيم ٿيو.

❖ ڇا مون کي ڳلي لڳائي ، پنهنجي دل ۾ رهائڻ جو خيال ڪڏهن ڇڏيو اٿئي !؟

❖ تنهنجي مرڪ ۾ ايڏو سڪون ڪٿان آيو ؟

❖ جيڪي تصور ۾ بہ تو کي چمندا هجن، انهن کي وساري ڇڏڻ جا ڏوراپا ڪهڙا ٿو ڏين!

❖ آئون غمن ۾ ٻڏل، مستيءَ منجهان ڪهڙو نچان !؟

❖ شبير ! دلاسن جو دارون ڪيسيتائين پيئندو رهندين ؟

❖ مان ڪا مومل تہ ناهيان جو ڪو راڻو ايترا ڪشالا ڪري منهنجي روح ۾ رهڻ اچي

❖ زندگيءَ کي توکان بنا اڌورو چوان تہ ڪيئن چوان !

❖ نندين دلين ۾ پيار جا جهان ٺٺا جڙي سگهن.

❖ تنهنجو سَندُ سَندُ سگهندڙ منهنجو ميرو من، ڇا ٻئي هڪ ٻئي جو ضد نہ آهن !؟

❖ تنهنجا لک ٽورا ... داسِي مچي هِن جيون کي معنا ڏنئي !
❖ اظهار جي ڪائنات ۾ لفظن جا ستارا الائي ڇو پنهنجي پوري جوڀن سان اجان چمڪي نہ سگهيا آهن !

❖ ٽيبل تان وکريل ڪاغذ ۾ ڪتاب ميڙيندي، سوچ جي لهر ايري: توکان پوءِ منهنجي زندگيءَ کي ايئن ڪير سهيڙيندو ؟

❖ روح جي رچنا لفظن جو روپ وٺي ڪنهن پني جي آسمان تي ايري ته ان کي اظهار جو ذرڙو ئي سمجهجانءِ

❖ ڪاش ! اظهار جي دنيا ۾ محبت جون هڙئي ڪهڪشائون توتي ظاهر ڪري سگهان ها!

❖ منهنجي عشق جي ڪچين تندن کي تنهنجي ساهن جون تندون ئي ته مضبوط ڪنديون.

❖ ڇڏڻو ئي هيئي ته ايترو پيار ته ظالم ! نه ڏين ها!

❖ ڪمبل ويڙهي چانهه جون چسڪيون پريندي مون سان ڪيل ڳالهيون، ڇا سڀ فراڊ هيون!؟

❖ ننيڙا جملا ۽ ننيڙا نظم، ڪنهن باغ ۾ گلن مٿان ڦرندي ڏسين ته سمجهجانءِ اهي مون ننيڙي جا خلقيل پوپٽ آهن.

❖ غمن جو عذاب پوڳيندڙ وجودن کي دوزخ جو عذاب ڇا ڪندو!

❖ ڇا تو چاتو آهي ته سکيءَ جي اميدن جا سڀ در تو ڏي کلن ٿا.

❖ وقت جي لهرن سان گڏوگڏ هلڻ ڪا به وڏي ڳالهه نه آهي!

❖ اي خدا !
مون هارايو آ هَر راند ۾، ڇا جيون ۾ تو هارَ ئي لکي ڇڏي آهي؟

❖ يا خدا !
چا مان ايترو وڏو تي ويو آهيان جو مون کان سڀ سهارا کسي ڇڏيئي؟

❖ اکين جي دنيا کان ته پري وئين، خوابن جي ڪائنات کان به ڇو رٺو آهين؟

❖ منهنجي نصيب ۾ تعبيرن جي سرهاڻ نه هئي ته وجود اندر خوابن جا گل ڇو پوکيا هيئي!؟

❖ تنهنجي انڪار الائي ڇو منهنجي ضد کي مضبوط ڪري ڇڏيو آهي!

❖ تنهنجي خاموشيءَ ۾ ڪيڏو نه سڪون آهي پرين! مون کي به ايئن رهڻ سيکاريندين؟

❖ دل چئي تي توسان پنهنجي دل جا سمورا حال ونڊيام، پر ڏچان تو ڪٿي تون ئي نه منهنجي خلاف تي وڃين!

❖ تون يلي پنهنجي چپن کي مون سان ڳالهائڻ کان روڪ پر پهريان پنهنجي اکين کي ته روڪڻ سيکار.

❖ سچڻ ! تنهنجي ڇانوَ کان پوءِ مون ٻي ڇانوَ جي صورت نه چاهي آهي.

❖ بس تو کان پوءِ سک جي ڪا ويل نصيب ناهي تي بابا!

❖ اي ڇوڪري! پنهنجي سونهن کي پاڪيزگيءَ سان گڏ رکجانءِ.

❖ جيڪي ڏيئا سچي محبت جي تيل سان ٻريل هوندا آهن، اهي طوفانن ۾ به ٻريل ئي رهندا آهن.

❖ مون اهي تمنائون ڇڏي ڏنيون، جن ۾ اجائي اڏام هئي!

❖ اي دوست!

اهو حسن جيڪو اکين ڪي وٽي پر دل ۾ ڪا جاءِ نہ والاري سگهي، مون وٽ ڪا معنیٰ نہ ٿو رکي.

❖ ڪيترين ئي ڳالهين کان پوءِ بہ، هُن کي اهو ڪجهہ نہ چئي سگهيس جيڪو منهنجي اکين ۾ هيو!

❖ سچڻ!
مان ايا ڳو، نہ ڪڏهن تنهنجي سالگره ۾ ڪو منٹو گيت ڳائي سگهيس نہ تنهنجي ورسيءَ ۾ شامل ٿي سگهيو آهيان.

❖ فجر ايئن ٿي لڳي، چڻ رات ڪاري چادر لاهي اجرڪ اوڍيو آ.

❖ هن اوجاڳيل اکين جا سوال تو کان وڌيڪ ٻيو ڪير سمجهندو!؟

❖ هڪ پل کي بہ پنن تي اُتاري ناهيان سگهيو، پوري زندگيءَ کي ڪيئن اظهاريان؟

❖ اي باڪ! مان تو جهڙو روپ ڪيئن ماٽيان؟

❖ هيءَ فجر آهي يا ڪا پَوترِ ڪنوار ....!

❖ شام جي پهرين ستاري کان صبح جي آخري ستاري تائين، اڌ ۾ رهجي ويل زندگي .... مان آهيان!

❖ خاموشيءَ جا نظم ”مهايارت“ کان بہ وڏا هوندا آهن.

❖ منهنجا نظم ٻُڌڻ ڪانپوءِ بہ پوپٽن جا پَرَ پٽين تہ حيف اٿئہ !

❖ پوپٽن جو خيال ڪجانءِ! هنن کي بہ نظمن جيان ڊائريءَ ۾ بند ڪيئي تہ هنن وٽ ڪجهہ بہ نہ بچندو.

❖ اي سنڌ!
شڪر آ جو الله مون کي وري ٻه تنهنجي سيني ۾ سمايو آ.

❖ مون چيو هو، فنون لطيفه سان وابستا سڀ ماڻهو عظيم آهن پر هاڻي سمجهيو ته فنونِ انسانيت سان وابستا ماڻهو عظيم تر آهن.

❖ سعيد![1]
❖ تون ايئن ئي لکندو رهه جيئن دوست دوستن جا ڳوڙها اگهڻ سکي وڃن، نئين تاريخ پاڻ ئي ٺهي پوندي.

❖ تون ڪيڏو نه وڻندو آهي، جڏهن ڳلن تي لالاڻ ٿي ايرندو آهين.

❖ اي بسنت!
هن پيري مون خوابن جي پتنگ کي اميدن جي رِيمَ سان اُڏايو آهي، تعبيرن جي آسمان تي پهچي هو خدا جا پير چهندا؟

❖ تنهنجي اجرن خيالن جي آڏو، منهنجا اونداها عمل ڪتي ٿا بيهي سگهن.....!

❖ تنهنجي قدمن ۾ جنت جي پايل آهي، مون ٻڌو ته اچي تنهنجا پير چهيا، پر هو جيڪو بي خبر هيو، اچي تنهنجا پير چهي ويو. ڪير هو؟
آواز آيو:
توکان ٻه پلو .....!

❖ يا الله!
تون ته خوابن کان پاڪ آهين پر منهنجي خوابن کي ته تعبيرن جا رنگ بخش .....!

❖ اي درويش!
هي ته ڏس ! هن دنيا ۾ ساندا ئي نه پر ماڻهو ٻه رنگ بدلائن ٿا..... !

---

[1] سعيد! سعيد سومرو، ليکڪ دوست

❖ شبير!
مس جي تيل سان پنن جو ڏيئو ٻاري ڏس، من سماج روشن ٿي پوي.

❖ چوڪر!!
ڪيترو چيو هيومانءِ گهر کان ٻاهر نہ نڪر، ماڻهن جا بي سُرا ٻول تنهنجي سادي سمجهہ ۾ نہ ايندا.

❖ شبير!
ڪيترو نہ سولائيءَ سان جدائيءَ واري رستي تي پير رکيئہ! منهنجو ڪجهہ سوچيئہ بہ نہ ......!؟

❖ جيڏانهن مان تيڏانهن تون _ تنهنجي سورج مکيءَ جهڙي وفا نيٺ مون کي ئي تنهنجو ڪري ڇڏيو.

❖ مون پنهنجن انهن هٿن کي ته رکي چميو، جن ڪڏهن تنهنجي پيرن کي ڇهيو هو.

❖ دعا مون کي ان لاءِ سُٺي لڳندي آهي جو هن مون لاءِ ڪڏهن دعا گهري هئي.

❖ اي اسان جا خواب سنڀاليندڙ!
جي هي خواب پورو ٿي وڃي ها تہ ڇا ٿي پوي ها!؟

❖ توکان ڌار ٿي ويس _ سمجهان پيو ڪنهن وڏي گناهہ جي سزا ملي آهي.

❖ تنهنجون امانتون ڪنهن ايمان وانگي سنڀالي ناهيان سگهيو، مون کي بي ايمان نہ سمجهجانءِ!

❖ تون ڪير آهين مون کي ائين چاهين پيو جو مون منجهان ”مان“ ئي نڪري وڃي ٿي!

❖ مان تتيءَ ۾ پير جو ڪنڊو ۽ تون آهين جام گلن جا رنگ تي پڌائيندي وڃين!

- ثوابن جي ساڃاھہ نہ ھجي ھا تہ ٻہ تنھنجي عبادت ڪيان ھا.

- تون منھنجي دل جو ٽڪرو ٻہ پر دل آھين.

- مرجھايل گلن جي ديس ۾ منھنجي مرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ھو خوشيءَ مان وري ٽڙي پوندا!

- "مان" ڪي مون ئي سڃاڻ ۾ دير ڪئي آھي تون پاڻ ڪي ڪھڙيون تي ميارون ڏئين!؟

- منھنجي روئڻ وارن لمحن ۾ جڏھن تون منھنجي سامھون کلندي آھين تہ مون کي لڳندو آھي ڄڻ مان دنيا جو وڏي ۾ وڏو بيوقوف آھيان.

- ھن زندگيءَ تي ھر گندگي تقجي وئي آھي، ھاڻي مان تنھنجي لائق ناھيان رھيو!

- تنھنجي اکين کي لفظي پيتا ڏيڻ لاءِ پين ھٿ ۾ کنئي، پھر تي ويا آھن ...... پر لفظن جي ڪائنات مان ڪوبہ ستاري چوندي ناھيان سگھيو.

- توڏي اڇڻ جو ارادو تہ ناھي ڇڏيو پر پنھنجا ميرا پير ڏسي پاڻ روڪي ڇڏيو آ.

- مون کي ٿاھي ڏاھي ڇڏيئہ، توتي ڪھڙي ميار...!

- تنھنجي شين کي چمي، ڇا مان توکي نہ پيو چمان!

- تنھنجي چوڌاري ئي زندگي گذري پئي تون ايترو وسيع تي ويو آھين يا مان ايترو محدود...!؟

- ڇا مان ايڏو وڏو تي ويو ھئس جو ايڏا وڏا امتحان ورتئہ !؟

- جيڪي غلاظتون مون متان ٿاقيون ويون ڇا انھن لاءِ رڳو مان ئي قصوروار آھيان!؟

❖ وڏي ڪرسي تي ويٺل! تون چو ٿو سمجهين تن ڏوڙ واري رستي جي دز مون تي چڙهي وئي آهي، هونئن مان ايترو ميرو ناهيان.

❖ ويهن سالن جي ناچڻي ويهه سيڪڙو ئي ڍڪيل هئي پر انهن ڪان گهٽي پلي هئي جيڪي اندر ۾ داغ ڍڪي ويٺا هيا!

❖ دل جي سڪون لاءِ ڪهڙي جهان ۾ وڃي گهر جوڙجي! تون ناهين ته مون کي جنت ۾ مزو ٿو اچي!

❖ يادن کي چميون ٿو ڏيان جو اهي توسان لاڳاپيل آهن. زهر ۾ ٻوڙيل تير جيان سهي پر مون کي زخمي ڪرڻ سان گڏ توسان ڳنڍين ته ٿيون!

❖ دل ڇڳو جو سيني اندر ڍڪيل آ، نه ته ڪيس ڏسي حيران ٿي وڃين ها ته ڳوڙهن جو سمنڊ سندس اندر ڪيئن سمايل آ!

❖ سِڪَ تنهنجي هجي يا ڌرتيءَ جي سنڌُ سنڌُ سڪائي ٿي ڇڏي!

❖ سڀ ڪجهه ظاهر ڪري ڇڏيان ته توکي سمجهڻ ۾ اچا ٻه وڌيڪ ڏکيائي ٿيندي ڇا؟

❖ ڇا وساري ويٺي آهين ته موهن دڙي واري دور ڪان ئي تون مون سان گڏ نرت ڪندي آئي آهين؟

❖ تون نرت ڪرين ۽ آئون سامهون ويهي رڳو توکي ڏسان.... اها وچوٽي ڇا لاءِ؟ تورو ترس ته ٻئي گڏجي ٿا نچون.

❖ معصوم مک تي ڏنل چمين جي محسوسات نه پڇ! ايئن پئي لڳو ڄڻ خدا کي چميو پيون ڏنيو وڃن.

- حُسن! توتي گيت گهڻا ٺيا، هاڻي ڇڏ ته ان مٽيءَ تي لکان جيڪا قدرت واري منهنجي وجود ۾ وڌي آ.

- جيڪي به گلائون ڏوراپا، شڪايتون ۽ ميارون اٿئي، اڄ سڀ ڏئي ڇڏ، مان توکي ٻڌڻ لاءِ ئي تنهنجي سامهون آيو آهيان.

- هيءَ ڪهاڻي رڳو تنهنجي آ، جنهن ۾ رڳو ”تون“ ۽ ”مان“ آهيون... ها تون ۽ مان ___ اڳتي هلي مان غائب ٿي وڃان تو ۽ رڳو تون بچين ٿو، فقط ”تون“.....

- شبير!
- زندگي حاصلات جو نالو آهي ۽ تو ڪجهه به حاصل ناهي ڪيو!

- بهار جي اچوڪي رات پير ڊگها ڪري ڇڏيا آهن، تون پلي مون کي دوريءَ جي باهه سڙڻ ڏي پر نيٺ ته صبح ايندو، تنهنجي ميلاپ جو صبح ....

- سندرتا جا روپ ناپاڪ اکين کي به هڪ پلڪ ۾ صاف ڪري ڇڏين ٿا.

- اسان ايترا سٺا ناهيون، جيترو توهان جي لفظن جي آئينن ۾ آهيون.

- هو منهنجا دوست هئا ئي ڪٿي!؟ مان ته اجايو خوشفهميءَ ۾ مبتلا هئس.

- پنيءَ مهل جي پاڪرن، تنهجي چپن جي چاهتن، تنهنجي نيڻن جي خمارن منهنجي عشق کي امرتا بخشي جيئڻ لاءِ اتساهه پيٽو ڪيو.

- پيار جو امر گيت جڏهن کان ڪنن کان رڻو آهي، روح پٽڪندو رهي ٿو، انهيءَ آواز لاءِ.

- توسان تڏهن پرچندس جڏهن تنهنجي پنهنجائپ جا احساس روح جي راهن تي جهمريون هڻندا.

- ❖ مرشد جي لکت ۽ منهنجي لکت ۾ اهو فرق آهي تہ هن کي پاڻيءَ ۾ وجهي اندر منجهہ اوتيو ويندو آ ۽ منهنجي لکٽي توکي تاريخ جو منهن ڏيکاريندي رهندي.

- ❖ سنڌ جي اروڙ کي تہ حجاج بن يوسف جي چوڻ تي اجاڙيئہ پر دلين جي اروڙ کي ڪڏهن بہ ڪنهن جي چوڻ تي نہ اجاڙجانءِ.

- ❖ جڏهن امان جي پيرن زور ڏيندو آهيان تہ جنت امان جي پيرن ۽ منهنجي هٿن جي وچ ۾ هوندي آهي.

- ❖ چا زندگي معصوم شاهہ جو مينارو آهي، جنهن جا سوڙها ڏاڪا چڙهي، اوچائي تي پهچي، سکر شهر بدران تنهنجو وجود پسٽو آ.....؟

- ❖ جي سنڌو جنت مان نڪرندڙ درياءُ آهي تہ لڳي ٿو هالائي هندورو ۽ اجرڪ بہ اتان جا ئي آهن!؟

- ❖ اهي پاڻيءَ جا بہ ڍڪ ياد آهن، جي ساوڻ موسم ۾ تو پيار منجهان پياريا ها.

- ❖ منهنجين ناپاڪ اکين کان جنت جا خواب ڏسڻ وسري ويا آهن.

- ❖ مون ڪنول جهڙو سندر روپ ورتو آپرين! اهو سمورو اثر تنهجي ان نظم جو آهي جنهن ۾ ڪرم ۽ پاڄهہ سمويل آهي.

- ❖ پرينءَ جي پيرن هيٺان آيل مٽي جڏهن منهنجو سينگار بڻي تڏهن ساري لوڪ مون کي اکين منجهہ سمائڻ چاهيو.

- ❖ جڏهن ماءُ جو پيار ۽ چاهت پريل هٿ نصيب ۾ هجن تہ پوءِ ڪائنات مون آڏو ڪجهہ بہ نہ آهي.

- ❖ ماءُ ..... محبت جي ڌاڳن سان ٻڌل رشتو ..... جنهن ۾ مرڪون، چاهتون ۽ پنهنجائپ ٽپ آهي پيرن هيٺيان جنت.

- جوانيءَ جي ڪتاب ڪي نيڪين، خوشبوئن ۽ سندرتائن جون ڪهاڻيون زنده رکنديون آهن.

- تنهنجا چپ جي منهنجي لاءِ مرڪي پون تہ منهنجي دل جا سارا درد لهي وڃن.

- اسان دل جي باغيچي ڪي تنهنجي نانوَ جو پاڻي ڏيندا آهيون، تڏهن ئي تہ ارمانن جهڙا گل خوشبوءِ هاڻا ٿي پوندا آهن. اي سڄڻ! منهنجو هر ارمان تنهنجي سپاجهي نانوَ، صدقي ئي هر سڳند ڪان وڌ مهڪيل ۽ سونهن پريو آهي.

- ڪليل ڪتاب وانگي زندگيءَ جا پنا... جن تي لکي ڦاڙي ڇڏيا تو پنهنجا نالا

- منهنجي زندگيءَ جي راتين ڪي روشن ڪجانءِ، چند جي چاندوڪيءَ سان نہ پنهنجائپ جي سهائيءَ سان.....

- زندگيءَ جا پنا اٿلائيندي وجود جي تاريخ تي نظر پئي... جن تي رڳو تنهنجون ئي ڳالهيون لکيل نظر اچن ٿيون.

- او پرين! سچ، تنهنجي مرڪ منهنجي بيمار روح لاءِ شفا آهي.

- منهنجا خواب ٻارن جيان ۽ تعبيرون پوپٽن وانگي آهن.

- سگريٽ سان سڙيل اگهاڙو پيرُ ”گيتو“ لڙڪ لاڙيندي ماءُ ڪي ڏيکاري پئي.

- توڙي جو تعبيرن جا لوڏا دور آهن، پوءِ بہ مون هالائي هندورن جهڙا خواب ڏسڻ اڃا ڇڏيا ناهن.

- اي سنڌ!
تون اها گلاب جي صورت آهين، جيڪا هر ڪنهن ڪي خوشبوءِ ڏيندي آهي.

- ذهن جي ڪونديءَ مان، تنهنجي ياد جو پاڻي سڪيو ناهي ۽ زندگيءَ جي گل تي تنهنجي بهار جهڙن هٿن جو اثر مون خزان ۾ به محسوس ڪيو آهي.

- هو ايئن ئي چوندو رهندو، تون چريي جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏي.

- جبران! ڇا تنهنجي لفظن جي خوشبوءِ ڪجهه ڪيو!؟

- هلندڙ ليڪچر دوران اٿي بيهي چيائين : "سر! هي ته ساڳيو معاشرو آهي! گرورجنيش جي ليڪچرن به ته ڪو ڀوتو نه ڀاريو......!"

- هيل به ان _ داڻن جو سٺو ملهه نه مليو، سوچيان ٿو ايمان داڻا نه وڪڻنا پون.

- سنڌوءَ جا سور ۽ منهنجا پور هڪجهڙا ٿا لڳن!

- خوابن جا پوپٽ، تعبيرن جا گل ڳوليندا رهندا آهن.

- جڏهن به تنهنجي ياد آئي آ، مون مرڪي پاڻ سنڀاليو آهي.

- خوابن جا چپ، تنهنجي تعبيرن جهڙي مرڪ جا منتظر آهن.

- بغير سهارن جي جيئڻ تي وڏا بحث ڪندڙ شبيرا! ڇو اڄ هن جي سهاري لاءِ روئي رهيو آهين.؟!

- مون منجهان تنهنجي وجود جي خوشبوءِ وڃائجي وئي ڇا، جو مون کي بدبودار گل سڏي، سڀ پري وڃي رهيا آهن!

- توکي وڃائي پاڻ کي وڃائڻ نٿو چاهيان.

- پنهنجي صدقي، مون سامهون ايڏو پردن ۾ نه ايندو ڪر.

- جڏهن پنهنجو پاڻ کي سچائي ويس تڏهن تنهنجي ضرور خبر پوندي.

- ٿڌين راتين ۾ گرم لڙڪ ڪنهن جي لاءِ ٿي وهائين...!

- وڪري ويو آهيان، ڇا مون کي ميڙيندينءَ نه ......؟!

- تنهنجي اماڻيل خالي پيڊ جي هر پني تي مون تنهنجي تصوير ٺاهي ڇڏي آهي.

- تنهنجي چاهت جا گل تازا رکي ڇڏيا اٿم، پرين! اچي پنهنجي محبت جا ماڪ ڦڙا ارپي وڃ.

- ڪڏهن ڪڏهن تون مونکي ايئن وڻندي آهين جيئن آذان.

- زندگيءَ جي درياءَ مان مون رڳو ٽوڏانهن ئي ليئا پاتا آهن.

- اي سنڌ!
  وري پچانءِ ٿو، تنهنجا ماٺهو اجرڪ جهڙا ڪڏهن ٿيندا؟

- تنهنجي وئي ڪانپوءِ به ، مون ۾ موجود تنهنجائپ نه وئي، ڇا مان مڃان ته تون هليو ويو آهين.

- ڪالهوڪي ڳالهه اڄ ٿو پڇي. ڇئوس ته مونسان اچي سياڻي تي ڳالهائي.

- تون وئين ته اڪيلو ڇو نه وئين؟ مون کي ڪاڏي گم ڪري ويو آهي؟!

- يتيمن جي ديس ۾ خرچين جهڙا خواب .....؟!

- گهر جي معنىٰ پڇائين، ڪيس ٻڌايم:
  پنهنجو گهر معنىٰ خدا جو دَرُ.

❖ "بوگي ووگي" جي ڊانس جيان تنهنجا مستيءَ جي سونهن جهڙا ٺهڪ ڏاڍا وڻن ٿا.

❖ بنا پاڻيءَ جي ڪومايل گل ايئن ٿا لڳن، ڄڻ تنهنجي مرڪ بنا منهنجو جيون.

❖ ڄامشوري ۾ "المنظر" پرسان بي اختيار منير[2] کان پڇي ويٺس: "هي سنڌو درياءُ آهي يا سنڌو واهه ...!؟"

❖ تمام گهڻين خوشين ۽ نعمتن سان ڀريل ڪائنات، ماءُ جي پنهنجائپ ڀري آغوش کان تمام گهٽ آهي.

❖ پرين!
مون جيون کي تنهنجي وجود جو وڳو پارائي ڇڏيو آهي، هاڻي مان "مان" نه رهي آهيان.

❖ بابا!
جن سپاجهن سنڌين جي باري ۾ اوهان ٻڌايو هيو، اهي هتان لڏي ويا آهن ڇا!؟

❖ پنهنجي هٿ مان منهنجي ڇيچ ڪڍي ڇڏيئي، وڃائجندس نه ته باقي بچندس ڇا؟

❖ ڇا مان اهو مڃان ته زندگي رڳو تنهنجي ۽ منهنجي ڪهاڻي آهي!؟

❖ ڇا اهو ضروري آهي ته مان توسان ڪتابي ٻوليءَ ۾ ڳالهايان؟

❖ سڄي عمر فلسفي تي ڏکيا ليڪچر ڏيندي گذريس پر زندگيءَ جو فلسفو ڇا آهي؟ اڄ تائين سمجهائي نه سگهيو!

❖ مرڪندڙ چهرن جي وچ ۾ منهنجو مرجهايل چهرو پاڻ تي ٺوڪون ڪري رهيو هو!

---

**منير : ليکڪ جو دوست** 2

- فائدي ۽ نقصان کان متانهون ٿي سوچڻ لڳين ته تنهنجو نالو دوستيءَ جي ڊڪشنريءَ ۾ سڀ کان متي لکي ڇڏيندم.

- تنهنجي اچڻ جو ٻڌي ڦلواڙيءَ جا گل ٻه جهومي رهيا آهن.

- توکانپوءِ اهڙي کا چانوَ ناهي ملي، جيڪا سڄ کري پنهنجي پر ۾ ويهاري.

- تو چيو ته "اچ مقابلو کيون..." پرين! چا منهنجا لڙڪ تنهنجي ٽهڪن سان مقابلو کري سگهندا!؟

- توکانپوءِ اهي شعر کيئن لکان جي بسنت رت ۾ بلبل جي گيتن جيان ذهن تي ايندا ها!

- تون جيکي گل اربي وئين، سي ساهه ۾ سانديي رکيا اٿم.

- شبير! وڃائجي ويو آهين چا، جو پنهنجو پاڻ کي ٻه ٿتو سجاڻين!؟

- ڊچان تو کڏهن هو ايئن نه چون "توکي دوست جي ديس ۾ رهڻ جو حق ناهي!"

- دوستن جو آئينو کڏهن نه ٽجانءِ پنهنجو اٺ وڻندڙ چهرو ڏسي توکي پورا پورا کري ڇڏيندا.
- ماڪ جي اجرن هيرن جو تاج پائيندڙ گل، تنهنجي پرچڻ کانپوءِ مونکي جهکي سلام کري رهيا آهن.

- مان پاڻ کي الائي چو نه سمجهائي سگهيو آهيان ته تنهنجون حيا جون پاٽي پيتل اکيون، منهنجي بي حيا دوڏن ڏانهن ڏسي ٿيون سگهن!

- منهنجون آڱريون تنهنجي وفا جو پورٽريٽ ٺاهي نٿيون سگهن، تون ڀلي مون کي وفا جو درس ڏيندين نه اچي سگهين ٿي!

- جواني خواب جهڙي پياري آهي.

- تون، جا يادن جو ڍيرو ناڻا ٿي وئي آن، پري هوندي به ويجهو ڇو ٿي وئي آن!؟

- تنهنجي اکين کي گهٽ ڏينهن کان ناهي ڏٺو ڇڻ پاڻ کي ناهي ڏٺو.

- اي راڳڻي!
هي جيڪي تنهنجي راڳ جي آخر ۾ ٽي تاڙيون وڄيون آهن انهن ۾ منهنجي ٻن ترين جو آواز به شامل اٿئي.

- اي منهنجي اولاد!
لکندا رهجو، هميشه سچ ڀلي اهو ڏکيو ڇو نه ٿي پوي...!

- ڇا اسان جي سماج ۾ اهو ڦيرو ايندو جو اسان جي نقطن کي هينئين سان هنڊائن ۽ سچائي تي عمل ڪن. پاڻ کي آڻت ڏيان ٿو ايئن ٿيندو نيٺ به ته اسان انهن لاءِ لکون ٿا.

- اظهار کي لفظن جو اجرڪ اوڍائڻ ڪيڏو نه ڏکيو آ!

- سچائي!
تون سک نٿي ڏئين ته خدا جي واسطي ايترا ڏک به ته نه ڏي!

- اي سنڌ!
ڪاش تنهنجا سيئي ماڻهو هالائي هندورن جيان سهڻا ٿين ۽ ڪاشيءَ جي رنگن جيان پڪا....

- اي سنڌ!
شل تنهنجا ماڻهو اجرڪ تي پون، جيئن تنهنجي سورن جي سيءَ جي واهر ٿي پوي.

- هٿيا هو دوست پاڻ ئي آهن ۽ الزام دؤر تي ٿا هڻن.

- سرمد! اروڙ جا سڌ توکي ڇا چئي رهيا آهن؟

- دروپدي!
هاڻي سڌو ديو سان گڏجي مسئلي کي پلي حل ڪر، پر پنج مڙس قبولي تو غلطي ڪئي هئي!

- منهنجي خوابن جا پر ڪنهن حقيقت جي ڪينچيءَ سان ڪٽي ڇڏيا آهن.

- تنهنجي ساراهه جي وڻن جي ڇاپي ۾ ويٺس ته پاڇا پاڻ کان وڏا هيا.

- اي عاقل بن دانش!
توکي اجا ڪيترن سوالن جا جواب ڪپن جو تنهنجو غرور ختم ٿئي!؟

- تو ريءَ ته اهڙو ڪو به ڪونهي جو مون کي مون کان وڌ چاهي.

- اي مصور! خوابن جون اهڙيون تصويرون نه ٺاهه جن ۾ حقيقتن جو رنگ نه پري سگهين.

- هر ڪربلا ڪانپوءِ ڳوڙها اکين ۾ اچي ويندا آهن.

- تون جا وسري ناهين! ڪيئن چوان ته ياد اچين ٿي.

- اي يزيد!

ڇا ڪربلا ڪانپوءِ بہ تنھنجو پيٽ نہ ڀريو ھيو جو سنڌ ۾ اچي لاڄيءَ[3] جا ڪن ڪٽيئہ!

❖ مون ھن جي سونھن کي ڏسي، پنھنجون ناپاڪ اکيون پاڪ ڪري ڇڏيون.

❖ جي تنھنجي ساٿ جي سڳنڌ ساڻ آھي تہ جيون جو ھر ڏکيو رستو بہ آسان آھي.

❖ ھي قلم گواھہ آھي ۽ پني جي ڌرتي شاھد آھي تہ مان ھنن سان تنھنجي ئي گفتگو ڪريان ٿو.

❖ دوستيءَ جو رنگ اھڙو ھوندو آھي، جيئن طوطي جي ڳچيءَ ۾ وٺنڊڙ ڳانو.

❖ اڌ جملو تہ ڏاڍي رواني سان لکي ويم باقي اڌ لکندي ايڏي دقت ڇو پئي ٿئي!؟

❖ مان تنھنجي اڳيڻ ڳالھہ تي ڀروسو ڪريان يا ھاڻي واري تي...!؟

❖ شبير! تو رڳو پنھنجو پاڻ کي وڃايو آ...

❖ مون گناھن جو جام تولاءِ ئي تہ پيتو ھيو پر تون بہ ڪنھن ثواب وانگي نڪري پئينءَ!

❖ تنھنجي خوشي جي پڙڇي ۾ ويڙھيل جھمر، ڪٿي منھنجي ڏکن جي قاتل پھراڻ تي ٿوڪ تہ ناھي!؟

❖ منھنجي من جي محراب ۾ تنھنجو مرڪڻ، زندگيءَ جي مسجد کي آباد رکيو ويٺو آ.

❖ پرديس تہ منھنجي زندگيءَ جو حصو ھو، پوءِ ان جي سزا ھن کي ڇو...؟

---

**لاڄيءَ: ويجھڙ سنڌ ۾ سونين والين لاءِ قتل ٿيل ٻار ڙي** 3

- اسلم جي روم ۾ هو علي چاچا جي ڪتابن ڪي باھہ ڏئي ساڙي رهيو هو .... ۽ هن چيو هو هن جي روح کي ساڙي رهيو آ.....

- اي زندگيءَ جي خوشي! مون کي تہ تون اميءَ جي آغوش ۾ ملي هئينءَ، ان ڪانپوءِ توکي ڪاٿي ڳوليان!؟

- توکان ڌار واري جهان ۾ ڪيڏي نہ بيقراري آ.....

- اهو سوال من ۾ الائي چو هرهر لهي اچي ٿو : "ڇا هوءَ بہ مون لاءِ ايترو بيقرار هوندي جيترو مان هن لاءِ آهيان!؟"

- هوءَ منهنجي پهرين نهار ڪيئن ٿي؟ هن کي بہ ياد آهي الائي نہ!؟

- سچائي ڪنڊ ڪپڻ واري آهي، ڪوڙ متي تي تاج پارائڻ لاءِ پاڻ ڏانهن سڏي رهيو آهي _ اي دوست! تون ئي ٻڌاءِ مان ڪاڏي وڃان!؟

- مون ڇاتو آ، توسان ارڏائي ڪري مان نيست ۽ نابود ٿي ويندس، تنهن ڪري مون اڇي تنهنجي چرنن ۾ جاءِ ورتي آهي.

- خالي پني جي زندگي، جيئن پيارن لفظن کان محروم آهي، ڇا ائين ئي تون مون لاءِ آهين!؟

- وري بہ گناهہ ٿي ويو نہ! مون کي تنهنجي اکين ۾ وڃائجڻو هو پر دنيا جي گهمسان ۾ وڃائجي ويس.

- ❖ هن سچڻ لاءِ پاڻ سينگارڻو آ مون کي، زم زم سان وهنجي ٿوابن سان وضو ڪرڻو آ.

- ❖ تنهنجي ٻاجهه .... آسمان _ منهنجي دعا .... ٻڪ هڪڙو.

- ❖ زندگيءَ جي هن ننگي وجود کي تنهنجي عشق واري پهراڻ سان ڍڪڻو آهي.

- ❖ توکان دور، وجود ساوڻ موسم جي ڏکھي روزي جيان ٿو لڳي!

- ❖ زندگيءَ جي ذري ذري جو احوال لکڻ لاءِ ستن آسمانن کان بہ وڏو پنو گھرجي.

- ❖ اندر منجھ اوري ويٺو آهين، توکي ٻاهر ڳوليان تہ ڪافر ٿيان.

- ❖ "مان سيڪس ليس هجان ها تہ چا پوءِ بہ تون مون کي چاهين ها!؟" مان هن جي اوچتي سوال تي هڪو ٻڪو ٿي کيس ڏسندو رهجي ويس.

- ❖ توکان دوري، چا توکي چاهڻ جي سزا آهي!؟

- ❖ زندگيءَ جي ٽر کي تنهنجي چمين جو پاڻي ملي وڃي ، تہ مان جنت گھرڻ ڇڏي ڏيندس.

- ❖ اکين جون ڳالهيون نہ سمجھڻ جي ميار نہ ڏجانءِ تنهنجي اکين سان اکيون ملايان، اجا تہ اهڙو ٿيو ئي ناهيان!

- ❖ نئين ٻڪ تي تنهنجي محبت جي پهرين سٽ ٿو لکان، ڇڻ صدين پراڻي سڪ جي تاريخ پنن تي ٿو اُتاريان.

- ❖ تنهنجي محبت، مون کي مون کان ئي دور تي ڪري ڇڏي!؟

- دوزخ کان نفرت ڪندڙ دل کي محبت کان خالي ناهن رکندا.
- زندگيءَ جي ڪتاب ۾ تون ئي تہ هڪ وڻندڙ چيپٽر آهين.
- تنهنجا سورنهن سينگار، زندگيءَ جا راز ڻا کولين يا وڌيڪ منجهائين پيا!؟
- جيڪو خود ٽٽي خلا ۾ وکري ويو، تنهن کان ڪهڙو گهرڻ!؟
- مون تہ توکي ساوڻ ۾ برسات ٽي اچڻ لاءِ چيو هو پر تون تہ منجهند ڻاڪ ٽي آيو آهين!
- ڏکڻ جي هير بدن لاءِ پلي آهي ۽ تنهنجي يادن جي هير روح لاءِ.
- تنهنجي يادن سان گڏ اکين ۾ هليو اچي ٿو، پڳلو، بي چيو، سمنڊ جهڙو کارو پاڻي ....
- مان پنهنجن انهن لفظن تان قربان ٿو پر ايئن نہ چئجان تہ ”تون ڦرڻو گرڻو آهي!“

- مان حيران آهيان، تنهنجي چپن جي لالاڻ، منهنجي چپڻ جي ڪاراڻ سان ڻاهہ ڪيئن ڪيو آ!؟
- ڇا اڄ بہ تون ايئن چوندين، جيئن ڪلهہ چيو هئيئہ!؟
- سوري مسيح!
چمات هڻندڙ کي هاڻ آئون پنهنجو ٻيو ڳل پيش نہ ڪندس. اهو برابر ٽيندو تہ آئون ظالم کي چوان: ”تون مون تي هڪ ٻيو بہ ظلم ڪر!“

- ضمير، ضمير ڪٿي ڪيو اٿئي! مون کي بس ايتري خبر آهي تہ هو منهنجو دوست هيو، جنهن سان ڦتندي سال ٿي ويا آهن!

- توکان دور، زندگي اماوسي رات ئي تہ آهي!

- مان پاڻ وڃائڻ ٿو چاهيان، جي تون مون کي ڳولين تہ .....

- اروڙ جبل جي هنج ۾ هو اڪيلو اڏڙوٽ اچا تائين ڇا پيو ڳولي!؟

- هن چيو هو: "مون کي ايئن نہ ڪڇاڻ، جيئن پين ڪٽي ۽ ٽي اکر لکي وري رکي ڇڏيندو آن!.

- من اندر تنهنجي چاهت جا گل ٽڙندا آهن تہ محبت جي خوشبوءِ ساهن کي سينگاري ڇڏيندي آهي.

- مان اهو گلاب آهيان جنهن کي تو بهار ۾ چاهيو هو، خزان اچي وئي تہ بس وساري ڇڏيئہ، سڪي

- ڇا هيءَ اها ئي دنيا آهي جنهن ۾ تون مون سان هئين!؟

- امان! مون کي پنهنجي گوڏي تي سمهار، زندگيءَ جي نتهڻ اس ۾ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان!

- ڦتاڪن سان لطف اندوز ٿيندڙ ٻارن کي ڏسي هو يتيم چئي رهيو هو: "اي الله! هن سال بہ منهنجا ڦتاڪا توتي اوڌارا ٿيا".

- روز ساڳئي شهر جو ساڳيو صبح ۽ ساڳي شام ڏسي اکيون ميريون ٿي پيون آهن، ڪين پنهنجي تازي نور سان اجرو ڪڏهن ڪرڻ ايندين!؟

- دانشور!
ان حديث جو مفهوم وساري چڏيئي چا ”عالم جي مس شهيد جي رت کان وڌيڪ هوندي آهي“.

- اروندتي راءِ[4] پڇي پئي: ”ڊيم خلاف مون وانگر ڪورٽ ٻاهران احتجاج ڇو نٿو ڪرين!؟“
ڪيس چئو ”مون ۾ اجا ايتري همٿ ناهي آئي..!

- تنهنجي ڪائنات ۾ مونکي ٻه شيون وڻن ٿيون هڪ تنهنجا چپ، ٻيون تنهنجون اکيون، جن سان تون چمندي آهين ۽ گهور ڪري ڏسندي آهين.

- فجر جا هي پل گواهه آهن ته هن وقت به تون مون ۾ سمايل آهين.

- تون الائي ڪڏهن سمجهندين ته زندگي نه ئي ذاڪر حسين[5] جو طبلو آهي ۽ نه ئي فدا حسين[6] جي اجائي سجائي پينٽنگ .....

- اي ڪوجها انسان!
گلاب، شرافت ۽ اخلاق چوي ٿو ته دل جي خوبصورتيءَ ۾ ئي سڀ ڪجهه آهي.

- زندگيءَ جي ڪهاڻي ڪهڙي ڊائريءَ تي لکجي؟ ايترن ڏکن ۽ سورن جو هيءُ قلم بار نٿو کڻي سگهي، اجرا ۽ ميرا لفظ لمحن جو پورو اظهار نٿا ڪري سگهن.... اهي ته زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ جا ٽيڪا ئي مس آهن..!

---

**اروندتي راءِ: مشهور رائيٽر، جنهن ڊيمن خلاف ڪورٽ ۾ آواز اٿاريو.** 4

**ذاڪر حسين: مشهور طبلي نواز** 5

**فدا حسين: مشهور انڊين پينٽر** 6



خاموش لفظن جو رقص
شبير حسين شبير
ڪنول پبليڪيشن قمبر
شبير حسين "شبير" جي شاعري، جيڪا سڄو سيڪڙو آزاد ۽ نثري شاعري آهي، سا اسان وٽ ٻاهرين دنيا جي ادب مان آيل آهي، جا چڱي، خاصي مقبوليت ب ماڻي چڪي آهي. اسان جي شبير حسين "شبير" پنهنجي ڪوتا راڻيءَ کي استعارن، جي زيور سان ب سينگار ڪرايا آهن، هو پنهنجي جنم ڀوميءَ سان ڪيترو روحاني رشتو رکي ٿو، سا پروڙ شبير حسين "شبير" جي، هڪ، هڪ سٽ مان محسوس ٿئي ٿي، سندس شاعري مومل، مومل جي سهيلين ۽ ماضيءَ بعيد ۾ موڪيءَ وٽ روح رهائيون ڪرڻ لاءِ هر روز ايندڙ گڏاپ علائقي جي نوجوان سنڌڻ جهڙي خوبصورت شاعري آهي.
تاجل بيوس